حديث شريف - جماعت جي نماز اڪيلي شخص جي نماز تي
پنجويهه درجا فضيلت رکي ٿي ۽ نفلي نماز جيڪا گهر ۾ ادا ڪجي
تنهن جي فضيلت ان نفلي نماز تي جيڪا مسجد ۾ ادا ڪجي ايتري
آهي جيتري جماعت جي نماز کي اڪيلي جي نماز تي -

حديث شريف - جيڪو هي وقتي فرض نماز ادا ڪري
ته اهڙو ڄڻ حج جي مثال آهي ۽ جيڪو وري نفلي نماز ادا ڪري
ته اهڙي نماز عمري جهڙي آهي

حديث شريف - جيڪي ماڻهو اونداهي ۾ مسجدن ڏي
پنڌ ڪري وڃن ٿا اهي ته الله جي رحمت ۾ ٽٻيون هڻي رهيا آهن

حديث شريف - جيڪي ماڻهو اونداهين ۾ مسجدن ڏي اچي
وڃن پيا ٿا انهن لاءِ الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن هڪ پوري چمڪندڙ
نور جي ذريعي روشني ڪندو -

حديث شريف - خاص الله تعاليٰ جي لاءِ صبح ۽ شام مسجد
۾ وڃڻ جهاد في سبيل الله کان افضل آهي

حديث شريف - الله جو هٿ جماعت تي آهي

حديث شريف - جماعت رحمت آهي ۽ جماعت کان جدائي
عذاب آهي

حديث شريف - الله تعاليٰ کي جماعت جي نماز تمام پسند
آهي - حديث شريف - الله تعاليٰ کي پنهنجي ان ٻانهي کان حيا
ٿئي ٿو جو جماعت ۾ نماز پڙهي پوءِ هو پنهنجي حاجت جو سوال
نه ڪري ته هو خالي موٽي وڃي تنهن جي ڪري هن جي موٽي وڃڻ
کان اڳ حاجت پوري ڪئي وڃي ٿي -

ٻيون وري اهڙو آهي جنهن ته ان ٻڪري صدقو ڪيو آهي ٽيون
اهڙو آهي جنهن ان هڪ آنو (بيضه) خيرات ڪيو هجي پر امام جڏهن
خطبه لاءِ اچي ويهي ته پوءِ اهي دفتر ويڙهيا وڃن ٿا ـ

حديث شريف ـ جمعه جي رات ۽ جمعه جي ڏينهن ۾
٢٤ ڪلاڪ آهن هر هڪ ڪلاڪ ۾ الله تعاليٰ ڇهن لکن ماڻهن کي
دوزخ کان آزاد فرمائي ٿو ۽ اهي سڀ اهي آهن جن لاءِ دوزخ واجب
ٿي چڪو آهي ـ

حديث شريف ـ الله تعاليٰ ڪنهن کي به جمعه ڏينهن بخشش
کان سواءِ نه ڇڏيندو ـ

حديث شريف ـ جيڪو شخص جمعه ڏينهن يا جمعه رات فوت
ٿئي ته ان کي الله تعاليٰ قبر جي عذاب کان نجات ڏئي ٿو ۽ ان تي شهيد
جي نشاني هوندي آهي ـ

حديث شريف ـ حضرت جن فرمايو اوهان کي ماڻهو ٻڌايان
ته اهل جنت ڪير آهن. اهل جنت اهي آهن جن کي سخت گرمي يا سخت
سردي ۽ ڪنهن به قسم جو دڪ جمع کان نه ٿو روڪي ـ

## فصل پنجون

انهن ذڪرن جي بيان ۾ جن لاءِ ڪو خاص وقت مقرر نه آهي جهڙوڪ
استغفار، درود شريف ۽ ٻين ذڪرن جو بيان ڪيو ويندو جو هر هڪ
مومن تي لازم آهي ته گهڻي کان گهڻي استغفار پڙهي ـ

حديث شريف ـ جيڪو شخص استغفار گهڻي پڙهندو
ته الله تعاليٰ ان کي هر هڪ تنگي ۽ مصيبت ۾ ڪشادگي ڏي وان ڪري ڏيندو

جيڪي جوهر نقل ڪيل آهن جو ڀڻن ته سڀ نور ئي نور آهن
بي بنهي جهانن جي سعادت لاءِ هڪ صرف هڪ جوهر تي عمل
ڪجي ته به ڪافي آهي -

پڙهڻ جي زندگي نه شوق ۽ جذبو جي گذاري وڃي پر ڪو نه ڪو
مرد مولا جو هنن جوهرن تي عمل ڪري ته هن دعاءِ جي نيڪ ان
هن عاجز کي نه وساري -

والسلام علیٰ من اتبع الهدیٰ

از قلم حافظ بشير الحق ابڙو

اڄ تاريخ نقل ڪرڻ جي ١١ مئي ١٩٦٢ع مطابق ٦ ذوالحج
سنه ١١٣٨ هجري بروز جمعه

۽ اڄ تاريخ 13.5.1982